ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو

# سنڌي عورتن جي حقن بابت مردن جون لکيل ڪھاڻيون

# Short Stories on Sindhi Women’s Rights Written by Male Writers


***Abstract:***

*Sindhi Literature is rich in many aspects; it has variety of genres as well as themes. If we put an eye on Sindhi Short Story, it is replete with oriental to universal themes. Among these themes, Feminism occupies a prominent place. This theme is not only dominant in the writings of Authoresses but it is also prominent in the short stories of male writers. They have not written on this issue under the influence of the feminism movement it is ever green theme in Sindhi Literature since ages. In this research article an attempt has been made to explore this theme in the short stories of male writers. I have tried to analyze the feelings of women as observed by the male writers in Sindhi Society. Writers has also highlighted the difficulties of female in various spheres of life irrespective of gender which are  also discussed with suitable examples from the text.*


سنڌي ادب نهايت شاهوڪار ۽ ترقي يافته ادب آهي، جنهن ۾ هر موضوع تي لکيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي صنف تي نظر وجهون ٿا ته عورتن جي مسئلن تي گهڻو ڪجهه لکيل ملي ٿو. عورتن جي مسئلن تي فقط عورت ليکڪائن نه پر مرد ليکڪن به تمام گهڻو ۽ ڀرپور لکيو آهي. شاهه لطيف جهڙي عظيم شاعر به عورت جي اعليٰ ڪردار کي بيان ڪيو آهي. شاهه عورت جي اخلاق، عزت، شان، نماڻائي، نهٺائي، مستقل مزاجي ۽ ثابت قدمي کي پنهنجي ڪلام ۾ نمايان ڪيو آهي.

سنڌي سماج سوين سالن جي قديم روايتن جو امين آهي. انهن روايتن ۾ عورتن جي عزت ۽ احترام واريون روايتون نهايت شاندار آهن. پر اهڙي عظيم ورثي جا امين هوندي به اسين عملي طور جائز حق پنهنجن عورتن کي ڏئي نه سگهيا آهيون.

اسان وٽ سنڌي ڪهاڻين ۾ جيڪي عورتن جا مسئلا چِٽاڻيا ويا آهن تن ۾ مرضي بغير شاديون، بي جوڙ شاديون، ملڪيت مان حصو ڏيڻ جي ڊپ سبب شاديون نه ڪرائڻ، عورت کي ٿڪن عيوض پوڙهي مرد سان شادي ڪرائڻ، سڱ چٽيءَ ۾ ڏيڻ،



ڪاروڪاري جي آڙ ۾ دشمنيون پاڙڻ، ننڍپڻ جون شاديون ۽ نالي ڪري ڇڏڻ جهڙا مسئلا شامل آهن.

جمال ابڙو سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان تمام گهڻو مشهور آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ذاتي مشاهدا ۽ تجربا شامل آهن. هن وٽ هڪ حقيقت ۽ سچائي نظر اچي ٿي. جمال جتي زندگي جي حقيقت تي لکيو آهي، اُتي هن سنڌي سماج ۾ عورت سان جيڪي مسئلا آهن انهن تي به ڪهاڻيون لکيون آهن، سندس ڪهاڻين ۾ ”مان مڙد“، ”پيراڻي“ ۽ ”سينڌ“ خاص طور قابل ذڪر ڪهاڻيون آهن. ”مان مڙد“ ڪهاڻي ۾ مرد کي عورت جي جاءِ تي ڪٽي ظاهر ڪيو ويو آهي ته عورت ڪيڏن ڏکن، پيڙائن ۽ تڪليفن ۾ آهي. هن ڪهاڻي ۾ جمال ابڙي مردن جي طرفان عورتن سان ٿيل نا انصافين ۽ زيادتين جو پورو آئينو ڏيکاريوآهي. عورتن سان ظلم ۽ نا انصافين جي موضوع تي جمال ٻيون به ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون آهن پر سندس هيءَ ڪهاڻي ٻين ڪهاڻين کان منفرد آهي. سندس ڪهاڻي ”پيراڻي“، آهي ته بروهي قبيلي جي ڪهاڻي، جيڪي 60 روپين ۾ پنهنجي معصوم نياڻي جو ٿڪن عيوض رشتو ڪرائين ٿا، پر اِهو مسئلو اتر سنڌ ۾ به ڪٿي ڪٿي ملي ٿو جتي رشتو ٿڪن عيوض ڏنو وڃي ٿو ۽ بي جوڙ رشتا ڪرايا وڃن ٿا. ڪهاڻي ۾ مائٽن پنهنجي غربت ۽ مفلسي کي ختم ڪرڻ جو حل جڻ پنهنجي ننڍي عمر جي نياڻي پيراڻي پرڻائڻ کي سمجهيو جو نه چاهيندي به ڏوڪڙن عيوض ڏيء وڪڻي ڇڏي ڪيائون!

> پيراڻيءَ جي پيءُ پڪائي ڪندي چيو ”ڊبرو“ ناهي. ڪُتن ڀؤنڪ ڇڏي. ڳوٺ جي ٻاهرين رستي تائين ڀؤنڪندا آيا. ڪين ٻاهر ڪڍي ڀچ لوڏڻ لڳا ۽ بدن کي ڌُوڻي ٽڙي پکڙي ويا. انهن پنهنجو فرض پورو ڪيو. ڳوٺ جي ٻاهران ”سَٿِ“ روپين تي فيصلو ٿيو.
>
> (ابڙو 1992: 34)

امر جليل جا اڪثر موضوع سنڌ جي سماجي مسئلن ۽ قوميت تي مبني آهن. امر جليل هڪ اعليٰ درجي جو ڪهاڻيڪار آهي، جيڪو پنهنجي دور جي ٻين ڪهاڻيڪارن ۾ منفرد حيثيت ۽ مقام رکي ٿو. هن جي ڪهاڻين جا موضوع بيروزگاري، ڏاڍايون، ظلم، مصيبتون ۽ نفرتون رهيا آهن. امر جليل سنڌي عورتن جي مسئلن تي تمام بولڊ انداز ۾ لکيو آهي، هن عورتن سان ٿيندڙ ناانصافين تي کلي

ڪري لکيو آهي. ڪهاڻي ”راهون جدا جدا“ ۾ لکي ٿو:

> ووٽ ٻه عوام کان وٺن چونڊجڻ کان پوءِ رعب ٻه رکن عوام تي. هي سنڌي نمائندا، سڄي رات، پنجاب ۾ ڪن عيش، عورت ۽ شراب، صبح اجلاس ۾ جهوٽا کائين. سنڌ جي قسمت ئي ستل آهي. ٻي شرم پنهنجين عورتن کي ڦٽو ڪري فصلن جو پئسو ڪٺي، ڪراچي ۾ اچن ۽ هر عورت کي تاڙيندا رهن، ائين گهوريندا جئين بکايل ڍاند وڏين اکين سان ڏاري ڏانهن ڏسندو آهي. (امر، 1989: 22)

افساني ”عشق ۽ انٽرويو“ ۾ ٻي جوڙ شادي واري مسئلي تي ٽوڪ ڪندي لکي ٿو ته ”ڪي پوڙها شادي جو شوق مرڻ گهڙيءَ تائين رکندا آهن“. مطلب ته هن ڪهاڻي ۾ ڪن مرد جي نفسيات ڏيکاري وئي آهي ته اهي کٽي قبر جي ڪنڌي تي هجن پر هنن کي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جو شوق هوندو آهي. نتيجي طور هن ڪهاڻي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته جن عورتن جون ٻي جوڙ شاديون ڪيون وڃن ٿيون اهي عورتون غلط راهن تي نڪري وڃن ٿيون:

> ”هوءَ، مونکي ٻانهن کان ڇڪيندي ڪمري ۾ وٺي ويئي، مونکي پلنگ تي ليٽائي، پاڻ پاسي واري ڪمري ڏانهن هلي ويئي، پلنگ جي پاسي ۾ سائيڊ بورڊ رکيل هو. جنهن ۾ ڪنهن ڪراڙي جي فريم ۾ جڙيل تصوير رکي هئي. هڪ نظر ۾ ڀانيم ته منهنجي ڏاڏي جي تصوير هئي. پاسو ورائي غور سان تصوير ڏانهن ڏٺم ته تصوير منهنجي ڏاڏي جي نه پر زرينه جي زميندار مڙس جي هئي (امر، 1998: 41)

امر جليل جي حقيقت نگاريءَ جو وڏو ثبوت اهو آهي ته هو سماجي حادثن جو سچو ۽ صحيح نقشو چٽي ٿو. هو سنڌي عورت سان ٿيندڙ ظلم ۽ ٻيا سڀ مسئلا پڙهندڙ اڳيان رکي ٿو. امر جليل دل جي ڳالهه ڪري ٿو هو حقيقت نگار فنڪار جيان پنهنجي ماحول ۽ پنهنجي دور جو سڀ کان وڏيڪ حساس، بهادر ۽ سچ چوندڙ ليکڪ آهي.

حفيظ شيخ سنڌي ٻولي جو هڪ بردبار ۽ پيارو ليکڪ ٿي گذريو آهي، جنهن سنڌي سماج جي سمورن ظلمن ۽ ناانصافين تي ڀرپور ڪهاڻيون لکيون آهن. هن



پنهنجين ڪهاڻين ۾ سماجي اڻ برابرين ۽ ڏاڍاين تي ڀرپور لکيو آهي. هن سنڌي سماج ۾ ٿيندڙ عورتن سان نا انصافين بابت ٻه منفرد انداز ۾ لکيو آهي. هن جي مشهور ڪهاڻي ”مبارڪون“ ۾ هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي جنهن جي شادي 60 سالن جي عمر واري پوڙهي سان ڪرائي وڃي ٿي، اُهو پوڙهو هن جي پيءُ کان ٻه وڏي عمر جو هوندو آهي. هن ڪهاڻي ۾ هڪ عورت جي ارمانن جي حقيقت کي تمام منفرد انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. والدين ڌيءَ جي مرضي ۽ احساسن جو خيال رکڻ بنا ڪنهن پوڙهي ماڻهو سان سندس زندگي ڀر جو سودو ڪرائي ڇڏين ٿا. جنهن سان اُن عورت جي سڄي زندگي ارمانن جو روڳ بڻجي ٿي وڃي. هن ڪهاڻي ۾ اُن عورت جا احساس حفيظ شيخ هن نموني سان پيش ڪيا آهن:

> ”ٻي رات هن پنهنجي گهوٽ جي شڪل چڱيءَ طرح ڏٺي. هن جي خوابن جو محل قلابازيون کائيندو پٽ تي پيو. سٺ ورهين جو پوڙهو هن جي پيءُ کان ٻه وڏو موت ۽ حيات جي جنگ (وار حالت ۾) سندس گهوٽ هيو ۽ هن جي دماغ ۾ سندس ماءَ جا لفظ وڄي رهيا هئا. اسان توکي سڱ سڄاڻي ڏنو آهي. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن جي ماءُ هن سان هڪ ڌوکو ڪيو هو. ٻه نير هن جي شفاف ڳلن تي سڄي بيهي رهيا. هن آهه ڀري ڪڍي، آهه جيڪا آڪاش ڏانهن اُڏري، ان روح جي بي تاب آهه“. (شيخ، 1991: 45)

اهڙي طرح ”ساگر جي لهرن تي“ حفيظ شيخ جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هُن عورت کي مرضيءَ جي شاديءَ جو حق نه ڏيڻ جي موضوع تي لکيو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج جي انهيءَ رخ کي ڏيکاريو ويو آهي جتي مائٽ ڇوڪري جي مرضيءَ بغير شادي ڪرائن ٿا. هن ڪهاڻي ۾ ائين ٿئي ٿو ته ڇوڪري جي شادي مرضي کان بغير ٻئي هنڌ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ڇوڪري مجبور ٿي پنهنجي زندگي جو انت آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ پوءِ پنهنجي پيءُ ڏي هڪ درد ڀريو خط لکندي شڪايت ڪري ٿي:

> ”بابا زندگي جي سفر ۾ آءُ ڏاڍا اڻانگا پيچرا لتاڙيندي رهي آهيان تانگهه منجهان مان ساگر جي لهرن طرف آس مان نهاريندي رهي هيس. پر جڏهن مونکي معلوم ٿيو ته منهنجي سفر جي پڄاڻي

> کنهن آڙاهہ ۾ ٽيندي تہ مون زندگي تان هٿ کڻڻ مناسب سمجهيو. اوهان مونکي بچائي ورتو ۽ مونکي پنهنجي زندگي لاءِ ٻي واهہ ڳولڻي پئي. اڄ آءُ پنهنجي جندڙيءَ جي ٻيڙي کي ڏکي زماني جي ڇولين تي ڇڏيان ٿي. مون پنهنجو جيون ساٿي پاڻ چونڊيو آهي“. (شيخ، 1991: 64)

حفيظ شيخ ڇوڪرين کي خودڪشي کان بچائڻ لاءِ سندن مرضي ۽ اختيار جو حق هن طرح ڏياري ٿو: ”خودڪشي ڪرڻ کان بهتر آهي تہ سماج جي منهن ۾ موچڙو وهائي وڃي، مون پنهنجي پيٽ کي سوريءَ سزا وار ٿيڻ جي صلاح نہ ڏني. مون هن کي اهو حق ان وقت ڏنو جڏهن هوءَ اڃا ڪنواري هئي“. (شيخ، 1991: 65)

نجم عباسي جي ڪهاڻي ”ڇوڏو“ ۾ جتي ڳوناڻن ماڻهن جي عام ۽ معمولي شين جي باري ۾ غلط تصورن جو ذڪر ملي ٿو، اُتي اُن ۾ ڏي وٺ جهڙي رسم ۽ پيٽ لکي ڏيڻ جهڙي رسم جو بہ ذڪر ملي ٿو. خاص طور پنهنجن ۾ شادي ڪرڻ، پوءِ عمر ۾ ڪيترو بہ ڪٽي فرق ڇو نہ هجي. ۽ انهيءَ جو نتيجو ڪهڙو بہ نڪري! انهيءَ ڏي وٺ ۽ عمرن جي فرق ڪري سماج ۾ خرابيون وڌن ٿيون ۽ سماج کي اونداهي واري رستي تي وٺي وڃي رهيون آهن. تنهنڪري نياڻيءَ جي ڄمڻ کان اڳ ئي پيٽ لکي ڏيڻ واري فرسوده رسم توڙي ٻيون اهڙيون رسمون جيڪي سماج تي منفي اثر وجهن ٿيون، سي بلڪل ختم ٿيڻ گهرجن.

نجم عباسيءَ عورتن جي ڪردار جي تمام خوبصورت ۽ منفرد انداز ۾ ترجماني ڪئي آهي تہ عورت هر حال ۾ پنهنجي گهر کي گهر سمجهي، نهايت وفاداري ۽ صبر سان پاڻ کي ۽ گهر جي ٻين ڀاتين کي هردم ۽ هر وقت خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. شادي کان اڳ مائٽن جي گهر ۾ شادي کان پوءِ مڙس جي گهر ۾ صبر ۽ خاموشي سان رهندي آهي. نجم عباسي پنهنجي هڪ افساني ”رقابت جا رنگ“ ۾ عورت جو اهڙو ڪردار پيش ڪيو آهي: ”مان انهن ڇوڪرين مان هئس جي سماج ۽ معاشري جو احترام ڪنديون آهن ۽ منهنجي لاءِ ماءُ پيءُ کان مقدم ٻي ڪا بہ چيز ڪا نہ آهي: (عباسي، ---19، ص.33)

طارق اشرف جتي زندگي ٻين جي اهم موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون آهن، اتي هن عورتن جي مسئلن تي بہ قلم کنيو آهي. هن هڪ اهڙي موضوع تي ڪهاڻي



لکي جتي سڄي عمر نياڻي جي شادي نٿي ڪرائي وڃي ڇو تہ انهن جي برابر، ثاني ڪو بہ ڪونهي. طارق پنهنجي افساني ”پيار جي سرحد“ ۾ لکيو آهي تہ:

> اسان جي ستن پيڙهين ۾ ڪنهن بہ عورت جي شادي نہ ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ هنن جي وڏن جو خيال هو تہ ڪو بہ هنن جو ثاني شريڪ ڪونهي، ڪوبہ انهن جو مٽ ڪونهي. حد اها آهي جو سوٽ، سوٽ کي ۽ ماسات، ماسات کي پاڻ کان گهٽ ڪري ڀائين ٿو. مان صنوبر جو ماسات هوس، پر ماسي انهن جي خاندان مان نہ هئي جيتوڻيڪ اسين بہ سيد آهيون ۽ هو بہ، پر هو اسان کي پاڻ کان گهٽ ڀانئين، ڇو جو انهن جي چوڻ مطابق هو ولين جا اولاد آهن، انهيءَ ڪري هنن جو مرتبو اسان کان مٿي آهي. انهن جون ڌيئون ۽ ڀينرون پاڪ ۽ معصوم آهن. (طارق، 1992: 118)

هن ڪهاڻي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ اسان جو معاشرو ۽ سماج زوال طرف وڃي رهيو آهي، جتي فخر وچان ڇيو وڃي ٿو تہ اسان جي ستن پيڙهين ۾ بہ ڇوڪري جي شادي نہ ڪرائي وئي آهي! هن ڪهاڻي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ هڪ طبقاتي فرق سبب انسان کي انسان ۽ پاڻ برابر نٿو سمجهيو وڃي.

حقيقت ۾ اسان جي براين ۽ معاشري جي پوئتي پوڻ جا مکيہ ڪارڻ اهي وڏيرا ۽ مير آهن. اهي ئي اسان جي سماج جا اصل ويري آهن جن اسان جي سماج کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي، تنهنڪري اسان جو سنڌي معاشرو خراب ٿيندو پيو وڃي، عورت کي شعور ڏيڻ يا حق ڏيڻ سان معاشري ۾ ترقي ٿيندي آهي، اهي قومون اڳتي وڌي سگهنديون آهن. اسان کي پنهنجي عورتن جي وک وک تي همت افزائي ۽ حوصلاافزائي ڪرڻ گهرجي جنهن سان سنڌي معاشرو ترقي يافتہ بڻبو.

شوڪت حسين شورو پڻ سنڌي ادب جو هڪ اهم نالو آهي. هن جتي سماجي مسئلن تي ڪهاڻيون لکيون آهن اتي هن سنڌ ۽ سنڌي سماج جي عڪاسي پڻ ڪئي آهي. خاص ڪري خاندانن ۾ زبردستي شادي ڪرائڻ، خاندان کان ٻاهر ڇوڪري نہ ڏيڻ ۽ سڄي ڄمار ڇوڪري کي گهر ۾ ويهاري ڇڏڻ، ٻي جوڙ شاديون، وڏيرن، جاگيردارن جي ذهني سوچ ۽ انهن جا ڪڌا ڪرتوت، خاص ڪري نياڻي کي

تعليم جهڙي زيور کان محروم رکڻ، عورت جو صبر ۽ برداشت، عورت کي ثانوي عزت ڏيڻ، رشتي ڪرڻ وقت ڇوڪري کان راءِ نه وٺڻ، پنهنجي مرضي مطابق شادي طئه ڪرڻ ۽ ڪارو ڪاري جهڙي ڪڌي رسم وغيره اهي سڀ مسئلا هن جي افسانن ۾ اسان کي ملن ٿا. هو پنهنجي افساني ”بکي سونهن“ ۾ لکي ٿو ته:

بد نصيب عورت! مون هن کي ڪڏهن پيار نه ڏنو. مون هن کي هميشه پنهنجي گليءَ جو پٿر سمجهيو. پنهنجين سمورين مصيبتن جو ڪارڻ سمجهيو. آءٌ اهوئي سمجهندو هيس ته جيڪڏهن هوءَ منهنجي گلي نه پئي ها ته جند ڇٽي پئي هجي ها“. (شورو، 2009: 238)

اهڙي ريت افساني ”پيڙا جا پڙلاءَ“ ۾ ڪڌي رسم پيٽ لکي ڏيڻ بابت لکي ٿو ته:

منهنجو مڱڻو تڏهن ٿيو هو جڏهن آءٌ اڃا پيٽ ۾ هيس. اسان جي خاندان ۾ پنهنجن کان ٻاهر نياٽي ڏيڻ بدنامي ۽ عيب جي ڳالهه آهي. ان ۾ ڇوڪريءَ جي پسند يا مرضي جو ڪو به دخل نه هوندو آهي. هوءَ چپ چاپ بنا ڪڇڻ جي ڦاهيءَ تي چڙهي ويندي آهي. (شورو، 2009: 272)

شوڪت شورو بين ڪهاڻيڪارن کان منفرد انداز وارو ڪهاڻيڪار آهي هن وٽ پنهنجي هڪ انفراديت ۽ سڃاڻپ آهي. هن پنهنجي افساني ”ٽتل ڀڳل ٿڪ“ ۾ ٻي جوڙ شادين جي حوالي سان لکيو آهي:

اسان ٻنهي ۾ ويهن سالن جو ويڇو آهي. آءٌ هن کي ذهني طور قبول نه ڪري سگهيس پر پوءِ مون کان سڀ وسري ويو هو. هو منهنجي ٽن ٻارن جو پيءُ آهي. مون کي هن لاءِ عزت آهي ۽ ماڻهو ماضيءَ جي لاءِ ڪيستائين ماتم ڪندو رهندو. سو به تڏهن جڏهن سمجهوتي ڪرڻ سواءِ ٻيو ڪو به چارو نه هجي. (شورو، 2009: 340)

هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو: ”يلا اهو ٻڌائي ته ادي سان خوش ته آهين؟ ساهيڙيءَ هن کان پڇيو. خوش ڏوڙ هونديس ابا جيڏو ته آهي هن چڙ مان چيو ۽ ٻئي ڇٽيون ٿڪ ڏيڻ لڳيون“. (شورو، 2009: 344)

اسان جي سنڌ جي ڳوٺن ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ ڇوڪرين جي تعليم



اجان تائين عام نه ٿي سگهي آهي. ٻهراڙي وارن اڪثر ماڻهن جو خيال آهي ته ڇوڪريون پڙهنديون ته خراب ٿينديون. انهن جي ذهنن ۾ اهو هوندو آهي ته پڙهنديون ته غير ڇوڪرن سان ڳالهائينديون. شوڪت شوري به پنهنجي ڪهاڻي ”پيڙا جو پڙلاءُ“ ۾ ان بابت هن طرح بيان ڪيو آهي:

وڏين منٿن ۽ ايلازن کان پوءِ مس مس مٽي پڙهڻ جي اجازت ملي آهي، سو به انهيءَ شرط سان ته آءٌ ڇوڪرن سان نه ڳالهائينديس. منهنجو چاچو ان ڳالهه تي بابا جن سان ڪاوڙجي پيو آهي ته هنن مون کي سندس پٽ کان وڌيڪ ڇو پڙهايو آهي. چاچو تمام وڏو زميندار آهي. اسين هن جي پيٽ ۾ گهٽ حيثيت وارا آهيون. ان ڪري بابا هن کي ناراض ڪرڻ نٿو چاهي“. (شورو، 2009: 272)

شوڪت شوري ڪارو ڪاري جهڙي مسئلي تي به پنهنجي افساني ”شهر ۽ سپنا“ ۾ لکيو آهي ۽ انهيءَ ڳُڌي رسم کي سخت ننديو آهي.

بشير احمد شاد پنهنجي ڪهاڻي ”درد جا رشتا“ ۾ ڏيکاري ٿو ته ڊليوري وقت نوجوان ڇوڪري ڌي پيدا ڪندي وفات ڪري وڃي ٿي. ماءُ جي وفات کان پوءِ ماڻهو ملامت انهيءَ نئين ڄاول ٻار تي ڪن ٿا. اُهي سمجهن ٿا ته اها نياڳي ڌيءَ ڄائي ۽ ماءُ جو سر کنيائين. هن ڪهاڻي ۾ ڌيءَ جي پيدائش کي نياڳ جي علامت سمجهڻ واري رجحان کي ڏيکاريو ويو آهي: ”نياڳي ندوري منهنجي مومل ڌيءُ جو سر کنيو. منهنجي منڙي جيجل! اسان کي اڪيلو ڇڏي وئين. چنڊي ڇوري پاڻ مري ها، اسان جي ڪونج جهڙي ڪنوار جو موت بڻجي آئي اياڳي“. (شاد، 2000: 272)

ٻي جوڙ ۽ عمر جي فرق وارين شادين جي ڪري ڇوڪرو يا ڇوڪري پنهنجي منزل تان هٽي ڪري گناهن جي دنيا ۾ هليا ويندا آهن. شيخ عبدالستار جي ڪهاڻي ”رحيمان“ به اهڙي ئي موضوع تي مبني آهي. ”رحيما جو سڱ سندس سوٽ نوري کي ڏنل هو. جلد رحيما جو هن سان نڪاح وڏو ويو. رحيما جي عمر ان وقت ويهه سال هئي ۽ نوريءَ جي يارنهن ورهيه“. (شيخ، 2010: 71)

مختصر لفظن ۾ ته ڪيترن ئي اهم ڪهاڻيڪارن عورت سان ٿيندڙ ڏاڍ، ظلم ۽ جبر کي بيان ڪرڻ کان سواءِ ڪين جيڪي به مسئلا درپيش آهن انهن کي پنهنجن افسانن ۾ نهايت سهڻي ۽ موثر طريقي سان پيش ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌي ڪهاڻي ۾ عورت جي مسئلن بابت بهتر انداز ۾ لکيو ويو آهي، جنهن سان اهو تاثر ختم ٿئي ٿو ته سماج ۾ عورت کي پيش ايندڙ مسئلن بابت مردن نه لکيو آهي ۽ فقط عورت ڪهاڻيڪارن ئي لکيو آهي، ائين هرگز نه آهي. هت جيڪو موضوع بابت مختصر اڀياس پيش ڪيو ويو آهي ان سان اهڙي تاثر کي ختم ڪري سگهجي ٿو. مرد ۽ عورت ٻئي هڪ جيتري حيثيت رکندڙ آهن. اسان جي زرعي سماج ۾ عورت جو نه رڳو گهر ٻار آهي پر هوءَ بنيادي طور ماءُ آهي يعني تخليقڪار! اهڙي تخليقڪار جيڪا پنهنجي پاڻ مان ئي مرد ۽ عورت ٻنهين کي جنم ڏئي ٿي ۽ سندن زندگيءَ ۾ بي پناهه رنگ ۽ خوشبوءِ پيري ڇڏي ٿي. سنڌي سماج اڄ به عورت جي ان احترام ۾ پنهنجو ڪنڌ جهڪايو بيٺو آهي. ڪن چند ڪوتاهه ذهنن جي ذهني خلفشار عورت جي مان مرتبي کي گهٽائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي پر سنڌي ٻولي جي ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن پنهنجي تخليق سان اهڙي غير فطري ۽ غير اخلاقي عمل جي نفي ڪئي آهي. مٿي اهڙن ڪهاڻيڪارن مان ڪن چونڊ ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي، جن عورت جي حيثيت، عظمت ۽ مرتبي لاءِ موثر انداز ۾ لکيو آهي.

**حوالا:**


- اٻڙو جمال (1992). ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت. ڪراچي، سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ.
- امر، جليل (1989). جڏهن مان نه هوندس. حيدرآباد، سنڌ: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
- امر، جليل (1998). دل جي دنيا. ڪنديارو سنڌ: روشني پبليڪيشن.
- شاد، بشير احمد (2000). چونڊ ڪهاڻيون. لاڙڪاڻو سنڌ: سچل ادبي مرڪز.
- شورو، شوڪت (2009). رات جو رنگ. ڄامشورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ.
- شيخ، حفيظ (1991). ساگر جي لهرن تي. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي ساحت گهر.
- شيخ، عبدالستار (2010). سنڌي ڪهاڻيون. مرتب: ادل سومرو. اسلام آباد، پاڪستان اڪيڊمي ادبيات.
- عباسي، نجم (1977). جيڪي منهنجي من ۾ آهي. حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز